# ڀارت ۾ سنڌي تعليم

- هڪ جائزو

ڊاڪٽر ڪنعيالعل ليکواڻي

سنڌي اڪادمي دهلي

To
Dr G.A. Allana

With best compliments from

[signature]
4.12.97

Dr. K. P. Lekhwani
Department of Sindhi
Western Regional Language Centre
Deccan College, Pune 411 006.

# ڀارت ۾ سنڌي تعليم

## - هڪ جائزو

GHULAM
DONATED
BY
SINDH

ڊاڪٽر ڪنهيالعل ليکواڻي

پرمک، سنڌي وڀاڳ
ويسٽرن ريجنل لينگويج سينٽر
ڊيڪن ڪاليج پونو

سنڌي اڪادمي دهلي

# ڀارت ۾ سنڌي تعليم
## - هڪ جائزو

ڊاڪٽر ڪنهيالعل ليکواڻي

ڇاپو : پهريون

پبلشر: سنڌي اڪاڊمي دهلي
ڊي. ڊي. اي. ڪميونٽي سينٽر، صدر ٿاڻا روڊ پهاڙ گنج نئي
دهلي - ١١٠٠٥٥
ليکڪ جا حق واسطا قائم

# SINDHI EDUCATION IN INDIA
## - A Survey

Dr. Kanhaiyalal Lekhwani

Edition: First 1997

Publisher: Sindhi Academy, Delhi
D.D.A. Community Centre, Sadar Thana Road.
Paharganj; New Delhi - 110055
Copyright with Author

**ڊاڪٽر ڪنيعالعل ليکواڻي:-** جنم ١٩٤٢ع، حيدرآباد سنڌ؛ تعليم: ايم. اي، پي ايچ. ڊي (لنگوسٽڪس)؛ پرمک، سنڌي وڀاڳ، ويسٽرن ريجنل لينگويج سينٽر (سينٽرل انسٽيٽيوٽ آف انڊين لينگويجيز مئسور منسٽري آف هيومن ريسورس ڊولپمينٽ، تعليم کاتو ڀارت سرڪار) ڊيڪن ڪاليج پونو؛ سنڌي ۽ غير سنڌي ماسترن کي سنڌي سيکارڻ جي ٽريننگ ڏيڻ؛ بالغن لاءِ سنڌي سيکارڻ جا ڪلاس هلائڻ؛ سنڌين توڙي غير سنڌين لاءِ تعليمي سامگري تيار ڪرڻ؛ سنڌيءَ جي مختلف پهلن تي سيمينارن، سنميلنن، ورڪشاپن ۽ اورنٽيشن پروگرامن جو آيوجن ڪرڻ؛ انيڪ راشٽريه ۽ انترراشٽريه سنميلنن ۽ سيمينارن ۾ سنڌيءَ جي مختلف پهلن تي کوجنيڪي مقالا پيش؛ ڀارت سرڪار پاران نون تعليم يافته بالغن لاءِ ڪتاب لکڻ جي چٽاڀيٽيءَ ۾ انعام عطا ٿيل؛ سنڌي ڪامپيوٽريڪرڻ ماهر ڪاميٽيءَ ۽ مهاراشٽر راجيه سنڌي ساهتيه اڪادميءَ ۾ ميمبر طور يوگدان؛ انيڪ سالن کان لنگوسٽڪ سوسائٽي آف انڊيا جو جائنٽ سيڪريٽري.

**ڇپيل ڪتاب: اين انٽينسيو ڪورس ان سنڌي** (غير سنڌي بالغن لاءِ سنڌيءَ جو بنيادي اڀياس)؛ **پنهنجي ٻولي - سنڌي** (مادري زبان جي روپ ۾ سنڌي سيکارڻ **جو** ٽن ڪتابن جو سيٽ)؛ **بنيادي سنڌي هندي ڊڪشنري؛ بنيادي سنڌي - انگريزي - هندي ڊڪشنري.**

ٻيا ڪتاب جيڪي هن وقت ڇپجي رهيا آهن. **سنڌيت جي سڳنڌ** (غير سنڌي بالغن لاءِ سنڌيءَ جو درمياني اڀياس)؛ **ادبي گلدستو** (غير سنڌي بالغن لاءِ سنڌيءَ جو اوچ اڀياس)؛ **اچو سنڌي سکون** (غير سنڌي سکولي شاگردن لاءِ)؛ **بنيادي سنڌي - انگريزي ڊڪشنري** ۽ **سنڌي تصويري ڪوش** وغيره.

ويا. نيندڙ پنڙن سان هنن ڏانهن سوالناما پڻ موڪليا ويا جيڪي اڳوات ڀري موڪلڻ لاءِ کين عرض ڪيو ويو. کين اها به وينتي ڪئي ويئي ته هو سنميلن ۾ شامل ٿيڻ وقت پنهنجي سنستا جي انگن اکرن سان گڏو گڏ پنهنجي شهر جي سنڌي تعليم جو جائزو پڻ وٺي اچي پيش ڪن جئن سنڌي تعليم جي صحيح تصوير ملي سگهي ۽ ڪن ٺوس نتيجن تي پهچي سگهي.

سنميلن جو مهورت سنڌي اڪاڊميءَ جي وائس چيئرمن **شري ڪي. آر. ملڪاڻيءَ** ڪيو ۽ **ڊاڪٽر جي. ايف. لڪاڻيءَ** صدارت ڪئي. پنهنجي مهورتي تقرير ۾ شري ملڪاڻيءَ چيو ته سنڌين هر کيتر ۾ پنهنجي پرشارٿ سان ڌاڪو ڄمايو آهي. هو پنهنجي ٻوليءَ ۽ تهذيب قائم رکڻ لاءِ سجاڳ آهن. هن ان ڳالهه ڏانهن پڻ ڌيان ڇڪايو ته انگريزيءَ جو اثر نه رڳو سنڌيءَ تي پر سڀني مکيه ڀارتي ٻولين جي واڌ تي به پيو آهي. ان ڪري اسانکي ڪي وڌنواري قدم کڻي پنهنجي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ڪوششون ڪرڻيون پونديون. ڊاڪٽر لڪاڻيءَ پنهنجي صدارتي تقرير ۾ سنڌي تعليم کي لوڪپريه بڻائڻ لاءِ ٻن خاص ڳالهين تي زور ڏنو. هن چيو ته ٻولي سيکارڻ جا دلچسپ ۽ جديد طريقا اپنايا وڃن ۽ سنڌيءَ ۾ هر قسم جا معيار ڪتاب شايع ڪرايا وڃن. سنڌي اڪادميءَ جي سيڪريٽري **ڊاڪٽر موتيلعل جوتوانيءَ** ڌنيواد جا ٻه اکر چيا. ان بعد سنميلن جي ڊائريڪٽر **ڊاڪٽر ڪنيالعل ليکوانيءَ** سنڌي اڪاڊمي دهليءَ دواران تيار ڪرايل سنڌي اديبن، ڪلاڪارن ۽ رهبرن جي فوٽن جي نمائش جو مهورت ڪيو.

سنميلن جي ٻهرين بيٺڪ جي صدارت **ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي** ڪئي. هن بيٺڪ ۾ ڊاڪٽر جوتوانيءَ سنڌي تعليم بابت پنهنجي مرڪزي تقرير پيش ڪندي اهو سوال اُٿاريو ته اڄ سنڌيءَ بابت بي رخيءَ ۽ لاپرواهيءَ واري نمر ئي لاءِ ڪير جوابدار آهن ماٺٽ يا سندن ٻار؟ هن انيڪ مثال ڏيندي ان ڳالهه ڏانهن پڻ ڌيان ڇڪايو ته ورهاڱي بعد اديبن هلچل هلائي، ڪتاب ۽ رسالا شايع ڪرائي سنڌيءَ کي قائم

شري ڪي. آر. ملڪاڻي سنڌي هيڊ ماسترن ۽ پرنسيپالن جي سنميلن جو مهورت ڪندي






ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻي سيڪريٽري سنڌي اڪادمي دهلي سنميلن جي موقعي تي مرڪزي تقرير پيش ڪندي

دهليءَ جي سڪولن جا انگ اکر شريمتي جيتلي، ڊاڪٽر رنجنا ڀاٽيا ۽ شريمتي ڪرنل پيش ڪيا. گجرات جون رپورٽون شري هنسراجاڻيءَ، شري جي. وي. مورجاڻيءَ ، شريمتي تيجي پوڄواڻيءَ، شريمتي هيرو ايسراڻيءَ ، شري سي. ٽي. گيانچنداڻيءَ ۽ شري پي. ڊي. رامچنداڻيءَ پيش ڪيون. شري ڀڳوان هراڻيءَ گجراتيءَ جا مثال ڏيندي سنڌي پاڙهڻ جي طريقن کي وڌيڪ سولو ۽ دلچسپ بڻائڻ تي زور ڏنو.

پڇاڙيءَ ۾ **شري ڪي. آر. ملڪاڻيءَ** سنڌيءَ جي واڌاري جي هر ڪوشش لاءِ سنڌي اڪادمي دهليءَ جي پورڻ سهڪار جو واعدو ڪيو ۽ **ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻيءَ** ڀارت ۾ سنڌي تعليم جو ورتل هي جائزو سنڌي اڪادميءَ پاران ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرائڻ جي پڌرائي ڪئي.

سنڌي تعليم بابت هيءَ پنهنجي قسم جي پهرين ڪوشش آهي. هن جي آڌار تي تعليدان ۽ سجاڳ سنڌي سڄڻ دستوري توڙي غير دستوري سطح تي سنڌي تعليم کي لوڪپريه بڻائڻ لاءِ ڪي عملي قدم کڻندا ته اسان جي هيءَ نمائي ڪوشش سڦلي ثابت ٿيندي.

**ليکواڻي**

پونو

چيٽي چنڊ. سنڌيت ڏينهن

٨ اپريل ١٩٩٧ع

سنميلن جي هڪ بيٺڪ جو درشيہ






سنميلن جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ڪنيالعل ليکواڻي سنڌي اڪادمي دهليءَ دواران تيار ڪرايل سنڌي اديبن ۽ سماج شيوڪن جي فوٽن جي نماءُ جو مهورت ڪندي

# فهرست


باب پهريون: ڀارت ۾ سنڌي ٻولي ۽ ان جي استعمال جا کيتر ١
باب ٻيون: ڀارت ۾ سنڌي تعليم - ڪي حقيقتون ١٦
باب ٽيون: سنڌي تعليم - ڪي مشڪلاتون ٤٨
باب چوٿون: سنڌي تعليم ڪي حل ڪي حيلا ٦٢
ضميمو-١: سيڪنڊري/ هاير سيڪنڊري سڪولن ٧٤
۾ سنڌي تعليم بابت ڪي انگ اکر
ضميمو-٢: ڪاليجن ۾ سنڌي تعليم بابت ڪي انگ اکر ١٠١
ضميمو-٣: ٽرينگ ڪاليجن ۾ سنڌيءَ بابت ڪي انگ اکر ١٠٥
ضميمو-٤: سنڌي درسي ڪتابن جو وڪرو ١٠٦
ضميمو-٥: سوالنامن جا نمونا ١١٢

باب - پهريون

# ڀارت ۾ سنڌي ٻولي ۽ ان جي استعمال جا ڪيتر

سنڌي ڀارتي اُپ مها کنڊ جي جديد اُسريل ٻولين مان هڪ آهي. هن کي پنهنجو آعليٰ ادبي ۽ تهذيبي ورثو آهي. اها پاڪستان ۾ سنڌ جي صوبائي ٻولي تسليم ڪئي ويئي آهي. ڀارتي وڌان ۾ پڻ هن کي هڪ مکيہ ڀارتي ٻوليءَ جي روپ ۾ قبول ڪيو ويو آهي. ان سبب هن کي اهي سڀ سهوليتون خود بہ خود ملي وڃن ٿيون جيڪي ٻين مکيہ ٻولين کي حاصل ٿين ٿيون.

در اصل سنہ ۱۸۴۳ع ۾ سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت قائم ٿيڻ بعد دستوري تعليم ۽ مڪاني ڪاروبار لاءِ سنڌيءَ جي استعمال لاءِ سرڪاري سطح تي ڪوششون شروع ٿي ويون. ان سان گڏو گڏ سنڌيءَ جي واڌاري ۾ خانگي تعليمي، ادبي ۽ تهذيبي سنستائن جو پڻ ساراهہ جوڳو يوڳدان رهيو. ان سبب ٻين جديد ڀارتي ٻولين جيان سنڌيءَ کي بہ اُسرڻ جو پورو وجهہ مليو. سنڌيءَ ۾ اوائلي تعليم لاءِ ڳوٺ ڳوٺ ۾ سڪول کولايا ويا. شهرن ۾ سانسڪرتڪ ۽ ساهتڪ منڊيون قائم ڪيون ويون. اخبارون ۽ مخزنون شروع ٿي ويون ۽ چڱي تعداد ۾ ترجما ۽ اصولڪا ڪتاب ڇپجڻ لڳا. نتيجن سنڌيءَ جي ڦهلاو کي وڏي هٿي ملي. ان ڪيتر ۾ هندو سنڌي تعليمدانن، اديبن ۽ پبلشرن جو وڏو يوڳدان رهيو.

سنہ ۱۹۴۷ع ۾ ورهاڱي جي ڪاپاريءَ واري ڦهري ڏڪ سنڌي قوم جي سموري تمدني سرشتي کي ئي ٽوڙي ڇڏيو. ورهاڱي جي طوفان هن قوم جي هڪ اهم وڏي حصي کي (اٽڪل ۱۰ لکن باشندن کي) پنهنجي پکياشي زمين جي پاڙن کان پٽي هڪ الحدي ڀهوياشي ماحول ۾ وڃي سٽيو. (ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ اٽڪل نوي سيڪڙو سنڌي پکياشي هئا.)

مهاتما گانڌيءَ، سردار پٽيل ۽ ڀائي پرتاب جو اهو سپنو هو تہ

لاءِ گجرات، مهاراشٽر، راجستان، مڌيہ پرديس ۽ دهليءَ ۾ صوبائي سنڌي اڪادميون قائم ڪيون ويون آهن ۽ اُتر پرديش ۾ بہ سنڌي اڪادمي برپا ڪرڻ جي پڄرائي تي چڪي آهي. انهن سرڪاري اِدارن سان گڏو گڏ انيڪ خانگي سنڌي سنستائون پڻ ان ڏس ۾ چڱو ڪم ڪري رهيون آهن.

سنڌي هڪ اُسريل ۽ تسليم شده ٻولي هوندي بہ ڀارت ۾ اِن جي استعمال جا ڪيتر تمام محدود آهن. آباديءَ جي خيال کان ڏسجي تہ هتي سنڌي تمام ٿورائيءَ واري ٽڙيل پکڙيل قوم آهي. اٽين چئجي تہ اٽي ۾ لوڻ برابر. مشهور سماج ڀاشا وگياني ڊاڪٽر خوبچندا ڻيءَ ان کي 'مائڪرو سڪوپڪ مائنارٽيءَ واري ٻولي' ڪوٺيو آهي. سنہ ۱۹۸۱ع جي آدمشماريءَ موجب ڀارت جي ڪل آباديءَ جو رڳو ۰.۲۳٪ سنڌي ڀاشي آهن.

ڀارت ۾ سنڌن صوبيوار آبادي هن ريت آهي:

| | |
|---|---|
| گجرات | ۷,۴۵,۱۸۲ |
| مهاراشٽر | ۵,۵۵,۴۸۰ |
| مڌيہ پرديش | ۳,۰۸۱۸۲ |
| راجستان | ۲,۰۵,۷۱۳ |
| اُتر پرديش | ۴۹,۶۶۰ |
| دهلي | ۴۰,۷۷۰ |
| ڪرناٽڪ | ۱۲,۰۰۷ |
| آنڌر پرديش | ۱۰,۰۶۰ |
| اولهہ بينگال | ۵,۳۲۷ |
| بهار | ۵,۲۹۰ |
| اوڙيسا | ۲,۳۹۵ |
| ڪيرل | ۱,۸۸۱ |
| هرياڻا | ۴۸۷ |
| گوئا دمن ۽ ديو | ۴۶۲ |
| ميگهاليہ | ۲۵۷ |

پنهنجي زمين کان اُکڙي آيل سنڌين کي ڪڇ ايراضيءَ ۾ ئي وسايو ويو جٿي هو پنهنجي ٻوليائي ۽ تهذيبي سڃاڻپ سولائيءَ سان قائم رکي سگهن. ان مراد سان ئي گانڌيڌام، ڪانڊلا پورٽ ۽ آديپور وسايا ويا پر بدقسمتيءَ سان سنڌن اهو سپنو ساڪار نہ ٿي سگهيو. بنا ڪنهن رٿا ۽ رهنمائيءَ جي هوائي، لٽي ءَ اجهي جي ڳولها ۾ سڄي ملڪ ۾ ٽڙي پکڙي ويا. شروعاتي تڪليفن کي منهن ڏيندي هنن پنهنجي قوت ۽ قابليت سان پاڻ کي نئين ماحول ۾ ٺهڪائي ورتو.

هتي هنن پنهنجي پرشارٿ سان پاڻ کي ٿانئڪو ڪري پرمارٿي ٻڌجي هرهنڌ انيڪ تعليمي سنستائون، اسپتالون ۽ ڌرمائو سنستائون برپا ڪيون جن جو لاڀ نہ رڳو سنڌي پر هتان جي هر قوم وٺڻ لڳي. سنڌي جتي وسيا اُتان جون ٻوليون سکي مڪاني ماڻهن جي ڏک سک ۾ شامل ٿي کير کنڊ جيئان هڪ ٿي ويا. ان ريت سچيءَ معنيٰ ۾ ڀارتي جيون ڌارا ۾ ملي ملڪ کي خوشحال بڻائڻ لڳا. ساڳي وقت هو پنهنجي الڳ ٻوليائي ۽ پنگتي سڃاڻ قائم رکڻ جي ڏس ۾ پڻ ڪافي سجاڳ رهيا. هتي اچڻ سان ئي هنن سنڌي سڪول کوليا، ناٽڪ منڊليون برپا ڪيون. ادبي ڪلاس شروع ڪيا. سنڌيءَ ۾ اخبارون، مخزنون ۽ ڪتاب وغيره شايع ڪرائڻ جو ڪم پوري زور شور سان شروع ڪيو. ايتروئي نہ هنن لوڪشاهي طريقا اختيار ڪندي ڀارت ۾ سنڌيءَ کي پنهنجو درجو حاصل ڪرائڻ لاءِ زوردار هلچل پڻ هلائي. نتيجن سنہ ۱۹۵۶ع ۾ ساهت اڪادميءَ سنڌيءَ کي هڪ مکيہ ڀارتي ٻوليءَ جي روپ ۾ سويڪار ڪيو. لڳ ڀڳ ساڳي وقت آل انڊيا ريڊيو سنڌي پروگرام نشر ڪرڻ شروع ڪيا. سنہ ۱۹۶۷ع ۾ ڀارتي وڌان دواران سنڌيءَ کي هڪ مکيہ ڀارتي ٻوليءَ جي روپ ۾ تسليم ڪيو ويو. ان سبب سنڌيءَ کي اهي حق مليا جيڪي ٻين مکيہ ڀارتي ڀاشائن کي حاصل هئا.

سنڌيءَ جو پنهنجو جدا صوبو نہ هئڻ سبب ان جي وڪاس جو ذمو مرڪزي سرڪار پاڻ کنيو آهي ۽ ان لاءِ سرڪار پاران سنڌي وڪاس پرشد برپا ڪئي وئي آهي. ان کان سواءِ سنڌيءَ جي واڌاري

| | |
|---|---|
| چنديگڙھ | ۲۱۸ |
| هماچل پرديش | ۸۵ |
| پانڊيچيري | ۷۷ |
| جمون ۽ ڪشمير | ۵۸ |
| سڪم | ۴۷ |
| ارڻاچل | ۲۲ |
| دادرا ۽ نگر هويلي | ۲۲ |
| ناگالينڊ | ۱۷ |
| انڊمان نڪوبار | ۱۳ |
| مزورم | ۴ |
| مڻيپور | ۱ |
| لڪشيہ ديپ | ۱ |
| ڪل | ۲۰،۴۴،۲۸۹ |

(نوٽ: سنہ ۱۹۸۱ع ۾ آسام جي آدمشماري نہ ورتي ويئي هئي.)

مٿين انگن اکرن مان سولائيءَ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڀارت ۾ گهڻي ڀاڱي سنڌي گجرات، مهاراشٽر، مڌيہ پرديش، راجستان، اُتر پرديش ۽ دهليءَ ۾ رهن ٿا.

هن وقت ڀارت ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد اٽڪل ٽيهہ-پنجٽيهہ لک ٿيندو جنهن جو لڳ ڀڳ ½ حصو گجرات جي ڪڇ-سوراشٽر ايراضيءَ ۾ سنڌيءَ جي اُپڀاشا ڪڇي ڳالهائيندڙن جو آهي ۽ سنڌ جي سرحد سان لڳندڙ راجستان جي جيسلمير- ٻاڙمير ايراضيءَ ۾ رهندڙ ٿري اُپڀاشا ڳالهائيندڙن جو آهي. (جاگرافيائي ايراضين جي آڌار تي سنڌيءَ جون مکيہ ڇهہ اُپ ڀاشائون ليکيون وڃن ٿيون؛ اهي آهن: سرائڪي، وچولي، لاڙي، لاسي، ٿري ۽ ڪڇي. انهن مان وچوليءَ کي معياري ٻوليءَ جو درجو حاصل آهي.)

ٻوليائي ۽ ثقافتي لاڳاپن جي خيال کان ڪڇي پنهنجي الڳ جدي

نيشنل سانگ اينڊ ڊراما ڊويزن وارن پنهنجي پروگرام ۾ اڃا تائين سنڌيءَ کي شامل نہ ڪيو آهي. سنڌيءَ کي شامل ڪري سرحد تي رهندڙ ۽ ڪاليونين ۾ رهندڙ سنڌين لاءِ سنڌيءَ ۾ پروگرام پيش ڪري سگهجن ٿا. ان سان سنڌي لوڪ ڪلا لوڪپريہ ٿيندي ۽ سنڌي ڪلاڪارن جو بہ اُتساه وڌندو.

هن وقت تائين سنڌيءَ ۾ ڊزن ڏيڍ فيچر فلمون ٺهيون ضرور پر هڪ ٻن کي ڇڏي سينيما گهرن ۾ هليون ڪانہ. هونئن بہ ڀارت ۾ سنڌين جي تعداد ۽ ٻين ٻولين جي فلمن جي ٽيڪنيڪي پهلن ۽ انهن تي ڪيل خرچ کي ڏسندي سنڌي فلمون ٺاهڻ گهاٽي جو سودو ثابت ٿيندو. ان ڪري سنڌيءَ ۾ معاري آڊيو- ويڊيو ڪئسٽون تيار ڪرائي لوڪپريہ بڻائڻ بهتر ٿيندو.

سنڌي ناٽڪ، لوڪ ناچ ۽ گيت عوام ۾ ڪافي پسند پون ٿا. ڪن ناٽڪن ۽ پروگرامن جون ڪئسٽون پڻ تيار ڪرايون ويون آهن. سنڌيءَ کي لوڪپريہ بڻائڻ لاءِ هن وقت تائين ٺهيل سنڌي فلمن ۽ چونڊ ناٽڪن، ڀڳت ۽ گيت سنگيت جي خاص پروگرامن جون ويڊيو ڪئسٽون تيار ڪرائي انهن جي وڪري ۽ ورهست جو پورو بندوبست ڪري سگهجي ٿو. سنڌي ڏڻن وارن، سڪولي جلسن ۽ سنڌي سنميلنن وغيره جي موقعن تي اهي ڏيکارڻ لاءِ ڪجهہ وقت مقرر ڪري سگهجي ٿو. سنڌي سيکارڻ ۽ سنڌيت بابت ڄاڻ ڏيڻ لاءِ پڻ آڊيو ويڊيو ڪئسٽون تيار ڪرائي لوڪپريہ بڻائڻ جي ڪوشش ڪري سگهجي ٿي.

ريڊيو، ٽيليوزن ۽ آڊئو، ويڊئو ڪئسٽن ذريع سنڌيءَ سان گڏو گڏ سنڌي ٻوليءَ تهذيب ۽ ادب بابت ڄاڻ ڏيندڙ پروگرام انگريزيءَ، هنديءَ ۽ ٻين مکيہ ڀارتي ڀاشائن ۾ پيش ڪري سگهجن ٿا. ان سان ماڻهن جو سنڌيءَ ۾ چاهہ وڌندو. اڄ ڀارتي فلمن ۽ آڊئو- ويڊئو ڪمپنين ۾ سنڌين جو چڱو ڏاڪو آهي. ماهر سنڌي ڪلاڪارن، ٽيڪنيشئنس ۽ پروڊيوسرن جي سهڪار سان سنڌيءَ جي مکيہ تهذيبي وشين ۽ اثردار ڪهاڻين تي ٽي.وي. فلمون ۽ ويڊئو ڪئسٽون تيار ڪرائي سگهجن ٿيون. اڄ هتان جا پروگرام خانگي چئنلن ذريع

## ساهت:

ساهت جي خيال کان سنڌي هڪ اعليٰ ۽ شاهوڪار ٻولي آهي. ٻين جديد ڀارتي ٻولين جيان هن جو پڻ اٽڪل هزار سالن جو اتهاس آهي. سنڌيءَ کي ورثي ۾ شاهه، سچل ۽ ساميءَ جهڙا شاعر مليل آهن جيڪي دنيا جي ڪنهن بہ اوچ ڪوٽيءَ جي شاعر سان برميچي سگهن ٿا.

انگريزن جي حڪومت دوران ڇاپخانن جي سهوليت سبب ٻين ڀارتي ٻولين جيان سنڌيءَ جي مختلف صنفن ۾ پڻ وڏي تعداد ۾ ساهت شايع ٿيو. سنڌي تعليم شروع ٿيڻ سبب درسي ڪتاب ۽ ٻارن جي جدا جدا وشين جا ڪافي ڪتاب لکيا ويا. ڏرمي ساهت پڻ چڱو ڇپيو.

ورهاڱي بعد ڀارت ۾ انيڪ ساهت منڊلين ۽ پبلشرن سنڌيءَ جي ادبي روايت کي قائم رکيو. سنڌيءَ جا عام پاٺڪ پڻ وڏي تعداد ۾ هئا. پر آهستي آهستي وڏن شهرن ۾ سنڌي تعليم جي پويان پير ڪرڻ سبب پراڻا پاٺڪ ويا گهٽجندا ۽ نئين ٽهيءَ جي ٻتوياشي ٻڻجڻ سبب نوان پاٺڪ تيار نہ ٿي سگهيا. نتيجن سنڌي پاٺڪن جو تعداد تيزيءَ سان گهٽجڻ لڳو ۽ اڄ پاٺڪن جو دائرو وڃي ليکڪن تائين محدود رهيو آهي. سنڌيءَ جي واڌاري لاءِ انيڪ اڪادميون برپا ڪيون ويون آهن. اڄ سنڌي اديبن لاءِ سڀ سهوليتون موجود آهن. ڪامپيوٽر تي سنڌيءَ جي استعمال سبب ڇپائي آسانيءَ سان ڪرائي سگهجي ٿي ۽ سرڪاري ادارن ۽ خانگي سنستائن پاران مالي مدد بہ ملي وڃي ٿي ان ڪري سنڌيءَ ۾ ڪافي ڪتاب ڇپجن ٿا تہ بہ اها عام شڪايت ٿي رهي آهي تہ سنڌي پاٺڪ آهن ئي ڪين. خود لکي، خود ڇاپارائي ۽ خود پڙهي واري حالت لڳي پيئي آهي. ڪتاب ليکڪن وٽ ۽ لائبررين ۾ پهچن تہ ٿا پر اهي پڙهيا وڃن ٿا يا نہ ان ڏانهن ڪوبہ ڌيان نٿو ڏنو وڃي. ٻي ڳالهہ تہ سنڌيءَ ۾ گهٽي ٻاڱي ادبي ۽ ڏرمي ڪتاب ئي ڇپجن ٿا. ٻارن جي عمر ۽ ضرورت جو خيال رکي ٻارن جي جدا جدا وشين تي دلچسپ ۽ معياري ڪتاب نہ جي برابر ڇپجن ٿا.

هر ڪيترن ۾ ڪامپيوٽر جي مدد سان انهن ٻولين جو واڌو وڌائي سگهجي. ڀارتي ٻولين سکڻ/ سيکارڻ لاءِ پڻ ڪامپيوٽر پروگرام تيار ڪرايا پيا وڃن. ان پروجيڪٽ کي ليلا (لرن انڊين لينگويجز ٿروءِ آرٽيفشل انٽيليجنس) نالو ڏنو ويو آهي. هندي سيکارڻ لاءِ 'ليلا- هندي پربوڌ' تيار ڪيو ويو آهي. سنڌيءَ ۾ پڻ جدا جدا مرادن ۽ سطحن کي ڌيان ۾ رکندي ڪامپيوٽر پروگرام تيار ڪرائي لوڪپريہ بڻائي سگهجن ٿا.

جديد زماني ۾ ڄاڻ جي ڏي وٺ جي خيال کان انٽرنيٽ جي سهوليت دنيا جي سڀني ملڪن کي هڪ ٻئي جي بلڪل ويجهو آڻي ڇڏيو آهي. دنيا جي انيڪ ملڪن ۾ رهندڙ ڀارتين ۾ پنهنجي ٻولين ۾ ڪامپيوٽر پروگرامن جي گهر ڪافي وڌي رهي آهي. ان لاءِ جدا جدا ٻولين ۾ پروگرام تيار ڪرايا پيا وڃن ۽ ماس ميڊيا جي روپ ۾ ان جو استعمال ڪيو پيو وڃي. ان خيال کان انٽرنيٽ تي سڀ کان پهرين اچي رهي آهي مرهٽي مخزن 'مايہ ٻولي مراٺي' (امڙ جي ٻولي مرهٽي). انٽرنيٽ تي گجراتي هندي، تامل ۽ ڪنڙ پروگرام پڻ اچي رهيا آهن. ڀارتي ٻولين کي انٽرنيٽ تي لوڪپريہ بڻائڻ لاءِ ڀارت سرڪار جي ڊپارٽمنٽ آف اليڪٽرانڪ پاران سينٽر آف ايڪسيلنس فار دي انٽرنيٽ برپا ڪيو پيو وڃي.

واپار ۽ نوڪريءَ سانگي وڏي تعداد ۾ سنڌي دنيا جي جدا جدا ملڪن ۾ رهن ٿا. هنن لاءِ انٽرنيٽ تي سنڌي پروگرام پيش ڪري سگهجن ٿا.

اليڪٽرانڪ ميڊيا ذريعي سنڌيءَ کي لوڪپريہ بڻائڻ لاءِ خانگي سنڌي سنستائون اڳتي اچي سگهن ٿيون. جدا جدا سرڪاري ادارن، اڪادمين، تعليمي ۽ تهذيبي سنستائن جي سهڪار سان تعليم، ڄاڻ ۽ ونود جون چونڊ آڊيو-ويڊيو ڪئسٽون تيار ڪرائي سگهجن ٿيون. سنڌي سکڻ / سيکارڻ ۽ حوالن لاءِ ڪامپيوٽر پروگرام تيار ڪرائي سگهجن ٿا. انهن جي صحيح نموني ورهست ۽ پيش ڪرڻ جي ڪيترن ۾ ڪي عملي قدم کڻي سنڌيءَ بابت چاهہ پيدا ڪري سگهجي ٿو.

پڻ پنهنجي پاڙن کي پڇاڙڻ جي لهر لڳي آهي. اهڙيءَ حالت ۾ سنڌين جو پنهنجي ٻوليءَ کان ڪٽجڻ تيندو پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙو هڻڻ. نج ٻولي ته هر انسان کي عطا ٿيل هڪ خاص ذات آهي. اها سنڌس سوچ ۽ سنسڪرتيءَ جو سڀ کان اهم زنده وسيلو آهي. دادا جشن جي لفظن ۾ چئجي ته ٻولي قوم جي آتما آهي. جيئن آتما نڪري وڃڻ بعد سرير بي جان ٿي وڃي ٿو، ساڳيءَ ريت نج ٻوليءَ بنا قوم نشپراڻ بڻجي وڃي ٿي!

پنهنجي ٻوليءَ بابت رڳو جذباتي بڻجڻ سان ڪجهه خاص هڙ حاصل نه ٿيندو. ان جي واڌاري لاءِ ڪي عملي قدم کڻڻا پوندا. حقيقت شناس بڻجي ٻوليءَ جا دائرا طئه ڪري گهربل ڪيترن ۾ ٻوليءَ جي استعمال جا وڌ ۾ وڌ وجهه ميسر ڪرائڻا پوندا.

ٻهوڀاشي ۽ مختلف ٻولين ۾ تعليم حاصل ڪندي به سنڌين جا پاڻ ۾ روحاني، پنگتي ۽ تجارتي ناتا تمام پختا آهن. ان ڪري هو بين ٻولي سماجن جي لهه وچڙ ۾ اچڻ وقت پل سنڌن ٻوليون ڪتب آڻين پر پنهنجي قوم جي اندروني دائري ۾، 'اِن گروپ ايڪٽوٽيز' لاءِ سنڌيءَ جو ئي استعمال ڪن. ان ڏس ۾ جپانين وارو رخ اپنائي سگهجي ٿو. هو ٻاهرئين وهنوار ۽ واپار وقت ته غير جپاني ٻوليون ڪتب آڻين ٿا پر پاڻ ۾ ڳالهه ٻول، صلاح مشوري ۽ واپاري ڳجهن بابت ڳالهائڻ وقت پنهنجي ٻولي ئي استعمال ڪن ٿا. ائين ڪرڻ سان قوم ۾ پنگتي ايڪو قائم رهي ٿو ۽ تهذيبي پڇاڻ جي پاڙن کي پاڻي ملي ٿو.

ائين ناهي ته سنڌين انهن ڪيترن ۾ ڪجهه ڪيو ئي ڪينهي. ان ڏس ۾ سرڪاري توڙي خانگي سطح تي ڪافي قدم کيا ويا آهن. هو اڃا به گهڻو ڪجهه ڪرڻ چاهين ٿا پر منجهن هڪ قسم جي نااُميدي اچي ويئي آهي يا ائين کڻي چئجي ته هو منجهي پيا آهن ته ملندڙ سهوليتن، پنگتي قوت ۽ ڏن جو ڪهڙي نموني استعمال ڪجي جو سنڌي صحيح نموني وڌي ويجهي سگهي.

❁ ❁ ❁

جي ٧٩ شاگردن سنڌي ماڌيم سان سائنس جا پيپر ڏنا ۽ انهن مان سٺن شاگردن کي انجنئرنگ ۽ ميڊيڪل ۾ داخلا ملي. (گجرات ۾ سنڌي تعليم، ڀارت ۾ سنڌي ٻولي ۽ تعليم، (١٩٨٠) اي. ڪنواڻي: ايڊيٽر،ليکواڻي: وسٽرن ريجنل لينگويج سينٽر پونو.)

هن وقت پڻ گجرات ۾ وڏي انداز ۾ سنڌي سنستائن جا سڪول آهن جن ۾ پنجويهه ٽيهه هزار شاگرد سنڌي ماڌيم ۾ تعليم حاصل ڪن پيا. هن وقت هتي سنڌي ماڌيم جا ڪل ويهه سيڪنڊري اسڪول آهن.

ان کان سواءِ آديپور- گانڌيدام ۾ سنڌي سنستائن جا پنج سيڪنڊري سڪول آهن جن جو ماڌيم هندي يا انگريزي آهي ۽ سنڌي هڪ وشيه جي روپ ۾ پاڙهي وڃي ٿي.

سنڌي درسي ڪتابن بابت ويچار ڪريو تہ ڏسون ٿا تہ انگريزن جي زماني ۾ جڏهن سنڌ ممبئيءَ جو حصو هئي تڏهن رڳو ماتر ڀاشا جا درسي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ڇپبا هئا ۽ ٻين وشين جا ڪتاب انگريزيءَ ۾ هوندا هئا. سنڌ جدا صوبو ٿيڻ بعد ٻين وشين جا درسي ڪتاب پڻ سنڌيءَ ۾ ڇپجڻ لڳا. ماتر ڀاشا جا ڪتاب سرڪاري پريسن ۾ ڇپجندا هئا ۽ سنڌيءَ ۾ ٻين وشين جا ڪتاب ڇاپڻ جو ڪم خانگي پبلشر ڪرڻ لڳا جن مان مکيه هئا: ايل دوارڪاداس، ايل ڀڳوانداس، ايل ڪشنچند اينڊ سنس، پوڪرداس اينڊ سنس ۽ پاپولر پرنٽنگ اينڊ پبلڪيشن ورڪس وغيره.

ورهاڱي بعد ڀارت ۾ سنڌي درسي ڪتاب شايع ڪرڻ جي شروعات ڪندڙ خانگي پبلشرن مان مکيه هئا. ايل. دوارڪاداس ممبئي، هيمنداس اينڊ سنس گواليئر ۽ سندر ساهت منڊل اجمير وغيره. سرڪاري سطح تي سنڌي درسي ڪتاب شايع ڪرڻ جو ڪم سنہ ١٩٦٧ع ۾ مهاراشٽر ۾ ٿيو بعد گجرات، مڌيہ پرديس ۽ راجستان ۾ پڻ سرڪاري سطح تہ سنڌي درسي ڪتاب ڇپجڻ لڳا. انهن مان درسي ڪتابن جي ڇاپي ۽ ڪاپي جي خيال کان گجرات ۽ مهاراشٽر جي حالت بهتر آهي.

| | | |
|---|---|---|
| ٦. مهرشي ديانند هاءِ سڪول | ٧٥١ | ٦٠٧ |

بڙودي ۾ شروع کان سنڌي تعليم جو زور رهيو آهي. هتي سنڌي ماڌيم جا ٣ سيڪنڊري سڪول آهن جن ۾ پرائمري سيڪشن پڻ آهن. انهن کان سواءِ پهرين هتي مينسپل جا سنڌي ماڌيم جا ١٢ پرائمري سڪول هئا جن مان ٦ سڪول بند ٿي ويا آهن. انهن مان وارشا سنڌي ڪالونيءَ جي پرائمري سڪولن کي ڇڏي باقي ڇئن سڪولن جي حالت قياس جوڳي وڃي رهي آهي. وارشا ڪالونيءَ جي هڪ پرائمري سڪول ۾ ٣٠٠ ۽ ٻئي ۾ ٢٥٠ کن شاگرد آهن. باقي ڇئن مان هر سڪول ۾ شاگردن جو تعداد ٢١ کان ٢٨ جي وچ ۾ وڃي رهيو آهي. بڙودي جي ٽن سنڌي سيڪنڊري سڪولن مان هري سيوا گرلس هاءِ سڪول ۽ جي. اين. وي. هاءِ اسڪول سنڌي ڪالونيءَ ۾ آهن. شري لڌارام سنڌ هندو هاير سيڪنڊري سڪول وچ شهر ۾ آهي. هنن سڪولن جو جائزو وٺجي ته اسين ڏسون ٿا ته سنڌي ڪالونيءَ جي سڪولن ۾ شاگردن جو تعداد ٿورو ئي گهٽيو آهي ۽ وچ شهر جي سڪول ۾ سڀ سهوليتون هوندي ۽ ڪنهن زماني ۾ بڙودي جو سيني کان وڏو سڪول هوندي به گذريل پنجن سالن ۾ اتي شاگردن جو تعداد وڃي اڌ بچيو آهي. بڙودي جي هنن ٽنهين سڪولن جا انگ اکر هن ريت آهن:

| سڪول | سالوار شاگردن جو تعداد ١٩٩٢-٩٣ع | ١٩٩٦-٩٧ع |
|---|---|---|
| ١. هري سيوا گرلس هاءِ سڪول | ٥٩٨ | ٥٨٠ |
| ٢. جي. اين.وي.هاءِ سڪول | ٤٩٢ | ٤٢٣ |
| ٣. شري لڌارام سنڌ هندو هاير سيڪنڊري سڪول | ٥٠٠ | ٢٧٠ |

سنت ڪنوررام سنڌي هاءِ سڪول ياونگر ۾ شاگردن جو تعداد گهٽيو آهي پر ٿورو. هتي سنه ١٩٩٢-٩٣ع ۾ ٥٣٥ شاگرد هئا ۽ هن وقت ٤٨١ شاگرد آهن. پر سوامي ليلا شاه وديا مندر جهونا ڳڙه ۾ شاگردن جو تعداد تمام تيزيءَ سان گهٽجي رهيو آهي. هن سڪول ۾ سنه ١٩٩٢-٩٣ع ۾ ٢٥٠ شاگرد هئا ۽ هن وقت فقط ١٦٦ شاگرد وڃي

خاص فرق ڪونہ پيو آهي. انهن سڪولن ۾ شاگردن جو تعداد وڌيو ناهي تہ گهٽو گهٽيو بہ ناهي. ها ڪن سڪولن ۾ مختلف ڪارڻن سبب شاگردن جو تعداد ڪافي گهٽجي ويو آهي ۽ انهن هنڌ نيئم موجب سراسري قائم رکڻ جي خيال کان ڪافي پاڻ پتوڙيو پيو وڃي.

سڀ کان پهرين اسين مليل انگن اکرن جي آڌار تي احمدآباد جي سيڪنڊري سڪولن جو جائزو وٺون تہ ڏسون ٿا تہ هتي جي مهاتما گانڌي هاءِ سڪول ۾ سنہ ١٩٩٢-٩٣ع ۾ اٽڪل ٢٠٠٠ شاگرد هئا ۽ هن وقت پڻ اوترائي آهن. گايتري وديا مندر ۾ شاگردن جو تعداد وڌيل آهي. هتي سنہ ١٩٩٢-٩٣ع ۾ ٥١٢ شاگرد هئا ۽ هن وقت ٥٩٨ شاگرد آهن. احمدآباد جي ٻين سڪولن ۾ سنہ ١٩٩٢-٩٣ع جي ڀيٽ ۾ شاگردن جو تعداد گهٽيو آهي؛ ڪن ۾ ٿورو تہ ڪن ۾ گهٽو. مثال سنڌ اڪادمي هاءِ سڪول جيڪو احمدآباد جي جهونن سڪول مان هڪ آهي اِهو ڪنهن زماني ۾ ڪافي اوج تي هو پر وچ شهر ۾ هئڻ سبب ۽ احمدآباد ۾ ٿيل فسادن سبب هن سڪول ۾ شاگردن جو تعداد ويو گهٽ ٿيندو. ٻين ڪيترن ڪارڻن سبب سنڌي ماڌيم جي هيٺين سڪولن ۾ شاگردن جو تعداد ٿوري گهڻي انداز ۾ گهٽيل آهي. ڏسو:

| | سڪول | سالوار شاگردن جو تعداد ١٩٩٢-٩٣ع | ١٩٩٦-٩٧ع |
|---|---|---|---|
| ١. | سنڌ اڪاڊمي هاءِ سڪول | ٢٨٩ | ٢٤٨ |
| ٢. | ابيچنداڻي سنڌ ماڊرن هاير سيڪنڊري سڪول | ٢٥٨ | ١٧٨ |
| ٣. | ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي هاير سيڪنڊري سڪول | ٣٢١ | ٢٩١ |
| ٤. | آدرش هاءِ سڪول | ٨٧٨ | ٧٠٣ |
| ٥. | آدرش شريمتي پاروتي ديوي گرلس هاء سڪول | ٢٦٠ | ١٣٠ |

بچيا آهن.

آديپور- گانڌيڌام ۾ چڱي انداز ۾ سنڌي رهن ٿا. اتي سنڌي مئنجمنٽس جا ڪافي وڏا سڪول به آهن پر هن وقت هتي هڪ به سنڌي ماڌيم جو سڪول ڪونهي. پهرين هتي ڊاڪٽر سي. جي. هاءِ سڪول ۾ سنڌي ماڌيم هو. اهو سنه ١٩٩٥-٩٦ع ۾ بند ٿي ويو. هتي جي پنجنين سڪولن ۾ سنڌي هڪ وشيه جي روپ ۾ پاڙهي وڃي ٿي.

ان ريت اسين ڏسون ٿا ته گجرات ۾ تمام وڏي تعداد ۾ شاگرد سنڌي ماڌيم ۾ سڪولي تعليم حاصل ڪن پيا. پر ڪيترن سڪولن ۾ مختلف سببن ڪري شاگردن جو تعداد گهٽجي رهيو آهي. خاص ڪري جيڪي سڪول سنڌي ڪالونين ۾ ناهن انهن تي ان ڳالھ جو ڪافي اثر پيو آهي. ٻي ڳالھ ته گجرات ۾ چڱي انداز ۾ ميونسپل ڪارپوريشن جا سنڌي ماڌيم جا پرائمري سڪول آهن. انهن جي حالت خانگي سڪولن جي ڀيٽ ۾ قياس جوڳي آهي. انهن مان گهڻي ڀاڱي سڪول بند ٿي چڪا آهن يا بند ٿيڻ تي آهن. ٻڙودي جو ئي مثال ورتوسين ته اسان ڏٺو ته هتي پهرين ميونسپل ڪارپوريشن جا سنڌي ماڌيم جا ١٢ سڪول هئا جن مان ڇهه پوري طرح بند ٿي چڪا آهن باقي ٦ مان ٤ سڪولن ۾ شاگردن جو تعداد تمام تيزيءَ سان گهٽجي رهيو آهي. انهن جي سراسري قائم رکڻ لاءِ ڏاڍو ڀاڄ ڀنوڙٽو پيو پوي. ساڳي حالت ٻين هنڌ به آهن.

گجرات ۾ سنڌي تعليم بابت ٽين ڌيان ڇڪائيندڙ حقيقت اها آهي ته سڪولي سطح تي ته وڏي انداز ۾ شاگرد سنڌي پڙهن ٿا پر ڪاليجي سطح تي سنڌي ايتري لوڪپريه ڪانه بڻجي سگهي آهي. احمدآباد ۽ ٻڙودي جي يونورسٽين ۾ سنڌيءَ جي سهوليت ته آهي پر شاگردن جو تعداد نه جي برابر آهي. مڪاني ڪاليجن ۾ گريجوئيٽ سطح ته سنڌيءَ جو بندوبست ڪونهي. ٽن چئن سالن کان آديپور جي تولاڻي ڪاليج ۾ سنڌي وشيه پاڙهي پيئي وڃي. ساڳيءَ ريت باقي ٻين شهرن جي مڪاني ڪاليجن ۾ پڻ سنڌي شروع ڪرائڻ جي ڏس ۾ ڪي عملي قدم کڻي سگهجن ٿا. ان سان سنڌي ٻوليءَ

شاگرد پڻ تعليم حاصل ڪن ٿا ۽ سنڌيءَ جي ڀيٽ ۾ انگريزي ماڌيم جو زور وڌيڪ آهي. سنہ ۱۹۹۲-۹۳ع ۾ هتي ڪل ۲۷۷۵ شاگردن مان ۱۴۰۵ سنڌي هئا. هن وقت (۱۹۹۶-۹۷ع) هن سڪول ۾ ڪل ۲۸۸۹ شاگرد آهن جن مان ۱۵۱۰ سنڌي آهن. سنہ ۱۹۹۲-۹۳ع ۾ ۱۴۰۶ سنڌي شاگردن مان ۵۰۷ سنڌي ماڌيم ۾ هئا ۽ ۲۴۷ وشيہ طور سنڌي پڙهي رهيا هئا. هن وقت ۱۵۰۱ سنڌي شاگردن مان فقط ۱۸۹ سنڌي ماڌيم ۾ آهن ۽ ۴۱۴ وشيہ طور سنڌي پڙهندا آهن. ان ريت لڳي ٿو تہ پمپريءَ ۾ بہ سنڌي ماڌيم جو زور تيزيءَ سان گهٽجي رهيو آهي ۽ ان جي ڀيٽ ۾ وشيہ طور سنڌي پڙهندڙ شاگردن جو تعداد وڌي رهيو آهي.

پمپريءَ ۾ ٻي سنڌي مئنيجمنٽ جو ٻيو سڪول آهي سنت رامانند هاءِ اسڪول. اهو انگريزي ماڌيم جو سڪول آهي. هن سڪول ۾ سنہ ۱۹۹۲-۹۳ع ۾ ڪل ۱۵۰۰ مان ۱۱۰۰ شاگرد سنڌي هئا ۽ هن وقت (۱۹۹۶-۹۷ع) ڪل ۱۱۰۰ شاگردن مان ۶۰۰ سنڌي آهن. هن سڪول ۾ وشيہ طور سنڌي پاڙهڻ جي شروعات ڪئي ويئي. سنہ ۱۹۹۴-۹۵ع ۾ ۱۶ ۽ سنہ ۱۹۹۵-۹۶ع ۾ ۱۴ شاگردن سنڌي وشيہ ڪنئي پر قابل ماستر نہ ملڻ سبب هتي سنڌي وشيہ پاڙهڻ جو ڪم بند ڪرڻو پيو.

مهاراشٽر جي ڪولهاپور، ناسڪ، ديولالي، ڌوليا، چاليسگانو، جلگانو ۽ ڀوساول ۾ پڻ سنڌي ماڌيم جا سيڪنڊري سڪول آهن. انهن مان ڪولهاپور ۽ ڀوساول جي سڪولن جا انگ اکر ملي سگهيا آهن. گانڌينگر ڪولهاپور جي ساڌو واسواڻي هاير سيڪنڊري سڪول جي سنڌي ماڌيم جي سيڪنڊري سيڪشن ۾ سنہ ۱۹۹۲-۹۳ع ۾ ۲۵۵ شاگرد هئا ۽ هن وقت ۱۹۵ شاگرد آهن ۽ انگريزي ماڌيم جي هاير سيڪنڊري سيڪشن ۾ سنہ ۱۹۹۲-۹۳ع ۾ ۱۰۷ ۽ هن وقت ۱۶۶ شاگرد آهن. انهن سڀني لاءِ سنڌي هڪ وشيہ طور لازمي ڪئي ويئي آهي. آر. ايس. آڏرش هاءِ سڪول ڀوساول ۾ سنڌي ماڌيم آهي. هتي سنہ ۱۹۹۲-۹۳ع ۾ ۵۵۴ شاگرد هئا ۽ هن وقت ۵۶۷ شاگرد آهن.

ائين لڳي ٿو تہ مهاراشٽر جي وڏن شهرن جي ڀيٽ ۾ ننڍن

ملي سگهيا آهن. هن وقت ڪملا هاءِ سڪول ۾ انگريزي ماڌيم آهي. هتي سنڌي شاگردن جي ڀيٽ ۾ غير سنڌي شاگرد وڌيڪ آهن. هن سڪول ۾ سنہ ۱۹۹۲-۹۳ع ۾ ڪل ۷۴۴ شاگرد هئا جن مان ۹۱ سنڌي هئا. هن وقت (۱۹۹۶-۹۷ع) هتي ڪل ۷۹۹ شاگرد آهن جن مان رڳو ۴۲ سنڌي آهن. هن سڪول ۾ سنڌي شاگرد وشيہ طور بہ سنڌي نٿا پڙهڻ چاهين. سنہ ۱۹۹۲-۹۳ع ۾ ۹۱ مان ۵۶ شاگرد سنڌي وشيہ طور پڙهندا هئا. هن وقت ۴۲ مان رڳو ۱۵ شاگردن سنڌي وشيہ کنئي آهي. ٻئي پاسي اُلهاسنگر جي نيوارا سڪول ۾ سنہ ۱۹۹۲-۹۳ع ۾ سيڪنڊري سيڪشن ۾ ۳۲۳۰ ۽ هاير سيڪنڊريءَ ۾ ۲۱۸ شاگرد هئا جن مان ۱۴۷۷ شاگردن جو ماڌيم سنڌي هو ۽ ۱۹۷۷ شاگرد سنڌي وشيہ طور پڙهندا هئا. هن وقت (۱۹۹۶-۹۷ع) هتي سيڪنڊري سيڪشن ۾ ۳۲۹۵ ۽ هاير سيڪنڊريءَ ۾ ۲۸۵ شاگرد آهن. انهن مان ۱۳۹۲ شاگرد سنڌي ماڌيم ۾ آهن ۽ ۲۱۸۹ شاگرد وشيہ طور سنڌي پڙهي رهيا آهن. هنن انگن اکرن مان خبر پوي ٿي تہ ممبئيءَ ۾ سڪولي سطح تي سنڌي تعليم ختم ٿيندي پيئي وڃي پر الهاسنگر ۾ هاڻي بہ حالت نيڪ آهي. هتي سنڌي ماڌيم ۾ پڙهندڙن جو تعداد ٿورو گهٽيو آهي تہ ٻئي پاسي وشيہ طور سنڌي پڙهندڙن جو تعداد وڌيو آهي.

اسين پوني ۽ پمپريءَ جي انگن اکرن تي نظر وجهو تہ ڏسون ٿا تہ پهرين پوني جي نوين هند ۽ سينٽ ميراز سنڌي ميڊيم هاءِ سڪولن ۾ سنڌي ماڌيم ۾ شاگردن جو تعداد چڱو هو. پر هن وقت نوين هند ۾ سنڌي ماڌيم ختم ٿي چڪو آهي ۽ سينٽ ميراز سنڌي هاءِ سڪول ۾ بہ رڳو ۹۸ شاگرد وڃي بچيا آهن. هن وقت سينٽ ميراز انگلش ميڊيم هاءِ اسڪول ۾ سنڌين جي ڀيٽ ۾ غير سنڌي شاگردن جو تعداد وڌيڪ آهي. هتي سنہ ۱۹۹۲-۹۳ع ۾ ۱۱۹۵ مان ۱۲۷ شاگرد سنڌي هئا ۽ هن وقت (۱۹۹۶-۹۷ع) ۱۲۵۲ مان ۱۵۲ شاگرد سنڌي آهن. هتي سيني سنڌي شاگردن کي وشيہ جي روپ ۾ سنڌي لازمي طور پاڙهي وڃي ٿي. پمپريءَ ۾ سنڌين جو سيني کان وڏو ۽ جهونو سڪول جئہ هند هاءِ سڪول آهي. شروع ۾ هتي رڳو سنڌي شاگرد پڙهندا هئا ۽ ماڌيم سنڌي هو. پر هاڻي هتي وڏي انداز ۾ غير سنڌي

سبب اجمير ۾ سنڌي تعليم وري زور ورتو لڳي.

سنہ ١٩٨٠ع ۾ اجمير ۾ سنڌي ماڌيم جا ٣٠ پرائمري، ٣ مڊل ۽ ٩ سيڪنڊري/هاير سيڪنڊري سکول هئا. هتي ڪاليجي سطح تي سنڌي وشيہ پاڙهڻ جو پڻ بندوبست هو. (ٽلواڻي (١٩٨٠)، راجستان ۾ سنڌي تعليم؛ ڀارت ۾ سنڌي ٻولي ۽ تعليم، سمپادڪ: ليکواڻي ويسٽرن ريجنل لينگويج سينٽر پونو.)

راجستان جي پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم کاتي جي ڊائريڪٽر دواران تاريخ ٢١-٨-١٩٧٩ تي موڪليل ڄاڻ موجب اُن وقت سڄي راجستان ۾ ٥٨ سکولن ۾ سنڌي ماڌيم يا وشيہ طور پاڙهڻ جو بندوبست هو.

ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ دواران ڏنل ڄاڻ موجب هن وقت بہ اجمير ۾ سنڌي تعليم جي حالت تلسي بخش آهي. هن وقت هتي سنڌي ماڌيم جا ٢٠ پرائمري، ٦ مڊل ۽ ٢ سينئر سيڪنڊري سکول سرڪار پاران هلايا وڃن ٿا پر هنن ۾ شاگردن جو تعداد تمام ٿورو آهي. پهرين جن سکولن ۾ پنج پنج سو ٻار هوندا هئا اتي اڄ پنجاه ٻارن لاءِ بہ ڏاڍي جفاڪشي تي ڪرڻي پوي. انهن سکولن جي ڀيٽ ۾ هتي جي خانگي سکولن جي حالت بهتر آهي. هنن سکولن ۾ اٽڪل بہ هزار شاگرد سنڌي پڙهن ٿا. اهو تعداد سڀني سرڪاري سکول جي شاگردن جي تعداد کان بہ وڌيڪ آهي.

اجمير کي ڇڏي راجستان جي ٻين شهرن ۾ سنڌي ماڌيم جا سکول ڪونهن. ها باقي ڪيترن هنڌ سنڌي وشيہ جي روپ ۾ ضرور پاڙهي وڃي ٿي. ڊاڪٽر گوڪلاڻيءَ دواران ڏنل ڄاڻ موجب هن وقت راجستان سيڪنڊري ۽ هاير سيڪنڊري سطح تي ڪن سکولن ۾ سنڌي وشيہ ڪٽندڙ شاگردن جو تعداد هن ريت آهي:

| سکول | سيڪنڊري سيڪشن | هاير سيڪنڊري سيڪشن |
|---|---|---|
| ١. آدرش وديالیہ اجمير | ٢٠٠ | ٨٠ |

هن سنستا جي مدد سان ٻاشا جا ڪتاب تيار ڪرائي ڇاپايا ويا آهن. گذريل سال کان ٻين وشين جا ڪتاب هنديءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرايا پيا وڃن جلدئي اهي شاگردن جي هٿن ۾ پهچندا.

گذريل سال کان راجستان سرڪار اها نيتي اپنائي آهي تہ ڇوڪرن کي پهرين کان پنجين درجي تائين ۽ ڇوڪرين کي اٺين درجي تائين منڊل دواران ڇاپايل سڀ ڪتاب مفت ڏنا ويندا. سرڪار جي ان نيتيءَ جو فائدو سنڌي شاگردن کي بہ ملندو.

## مڌيہ پرديش

مڌيہ پرديش ۾ شروع کان ئي گهڻي ٻاڱي تعليمي سنستائون سرڪار جي هٿن ۾ رهيون آهن. هتي بيراڳڙه ۽ ڀوپال وغيره جي چئن پنجن سنڌي خانگي سنستائن کي ڇڏي هرهنڌ سرڪاري سڪولن جو ئي زور آهي. اِن سبب هتي نہ سرڪار کي ۽ نکو وري سنڌين کي سنڌي تعليم جو ڪو خاص اونو آهي. هتي شروع ۾ ڪن شهرن ۾ سنڌي پرائمري سڪول کولايا ويا پر مختلف ڪارڻن سبب هلي نہ سگهيا ۽ هنن کي مجبورن پنهنجو ماڌيم مٽو پيو.

ستين ڏهاڪي جي شروعات کان هن پرديش جي تورائيءَ وارين ٻولين ۾ پرائمري تعليم ڏيڻ جي نيتيءَ کي عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. ان لاءِ سنہ ١٩٧٥ع کان سنڌيءَ ۾ پهرين درجي کان پنجين درجي تائين سيني وشين جا ۽ اٺين درجي تائين ماتر ٻاشا وشيہ جا درسي ڪتاب سرڪاري سطح تي مڌيہ پرديس پاٺيہ پستڪ نگم دواران تيار ڪرائي ڇاپايا ويا. سڄي پرديش ۾ جن ماسترن جي ماتر ٻاشا سنڌي هئي تن سيني کي سنڌي پاڙهڻ جي ٽرينگ ڏيڻ لاءِ اورنٽئيشن پروگرام لڳايا ويا. ايترو سڀ ڪرڻ کان پوءِ بہ هتي سنڌي تعليم لوڪپريہ نہ ٿي سگهي. سرڪار سنڌي ماسترن کي ٽرينگ تہ ڏياري پر ان ڳالهہ ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو تہ انهن ماسترن کي سنڌي ڪالونين جي سڪولن ۾ رکيو ويو يا نہ؟ هنن پنهنجي سڪولن ۾ سنڌي ماڌيم يا وشيہ طور پاڙهڻ جو ڪم شروع ڪيو يا نہ؟ نکو وري

جيڪي ماستر سنڌي پاڙهين ٿا تن مان ڪيترن کي پورو سنڌي ماحول نہ ملڻ سبب سندن ٻوليءَ تي گهربل ضابطو نٿو رهي. ان ڳالهہ جو ٻولي پاڙهڻ تي اثر پوڻ سياويڪ آهي. انهن ماسترن لاءِ سنڌي پاڙهڻ جا اورنٽئيشن ڪورس ڪارائتا ثابت ٿي سگهن ٿا.

هن پرديش ۾ سنڌي پڙهندڙ شاگردن جو تعداد تمام گهٽ آهي ان سبب هتي سرڪاري يا خانگي سطح تي جدا درسي ڪتاب تيار نہ ڪرايا ويا آهن. ٻين پرديشن جا ڪتاب ئي هتي هلايا وڃن ٿا.

## دهلي

ورهاڱي بعد نوڪريءَ توڙي واپار سانگي چڱي تعداد ۾ سنڌين اچي دهلي وسائي. شروع ۾ هتي سنڌي ماڌيم جا چار سڪول هئا جن ۾ تمام وڏي تعداد ۾ سنڌي شاگرد تعليم حاصل ڪندا هئا. هتي جي ڪي. ايم. ڪاليج ۽ ديش بنڌو ڪاليج جي صبح ۽ شام وارين شفٽن ۾ سنڌي پاڙهڻ جو بندوبست ڪيو ويو. ان کان سواءِ دهلي يونورسٽيءَ ۾ ٻين مکيہ پارتي ڀاشائن جيان سنڌي يونٽ برپا ڪيو ويو جتي سنڌيءَ ۾ سرٽيفڪيٽ، ڊپلوما ڪلاس ۽ پي ايڇ. ڊي. ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ويو. ان ريت ڏسجي تہ شروع ۾ دهليءَ ۾ سنڌي تعليم جي حالت تسلي بخش هئي. سڪولن ۾ شاگرد وڏي انداز ۾ سنڌي ماڌيم ۾ پڙهندا هئا جن مان ڪيترا ڪاليجي سطح تي سنڌي وشيہ کڻندا هئا. پر پوءِ ٻين وڏن شهرن جيان هتي پڻ سنڌي تعليم تمام تيزيءَ سان پويان پير ڪرڻ لڳي. سنہ ۱۹۸۰ع ڌائين چئن مان ٽن سڪولن ۾ سنڌي ماڌيم بند ڪري ڇڏيائون. چوٿين سڪول ۾ ۵۰۰ کن شاگرد هئا پر آهستي آهستي انهي بہ سنڌي ماڌيم جو زور گهٽجي ويو مجبورن کين پنهنجي سڪول جو ماڌيم مٽي هندي ڪرڻو پيو. ها باقي انهن سيني سڪولن ۾ سنڌي هڪ وشيہ جي روپ ۾ پاڙهڻ جو ڪم جاري رکيو ويو.

هن وقت دهليءَ جي ڪنهن بہ سڪول ۾ سنڌي ماڌيم ڪونهي. سيني هنڌ سنڌي وشيہ طور پاڙهي وڃي ٿي. هتي جي ٽن سڪولن جا

انگريزي هن ريت آهن. ايس. اي. ايس. بابا نيبراج نہ سينئر سڪنڊري سڪول جو ماڌيم هندي آهي. هن سڪول ۾ چڱي انداز ۾ غير سنڌي شاگرد پڻ تعليم حاصل ڪندا آهن. هن سڪول جي اها خاصيت آهي تہ هتي گهٽي ڀاڱي سڀ غير سنڌي شاگرد پڻ سنڌي وشيہ پڙهندا آهن. هن سڪول ۾ سنہ ١٩٩٢-٩٣ع ۾ ڪل ٧٨٠ شاگردن مان ٤٧٤ سنڌي ۽ ٣٠٦ غير سنڌي هئا جن مان ڪل ٧٤٣ شاگرد وشيہ طور سنڌي پڙهندا هئا. هن وقت (١٩٩٦-٩٧ع) هتي ڪل ٧٦٤ شاگردن مان ٤٠٢ سنڌي ۽ ٣٦٢ غير سنڌي آهن ۽ سنڌي وشيہ کڻندڙن جو تعداد ٧٤٠ آهي. ايس. اي. ايس. ڪي. ايم. هيمناڻي سيڪنڊري سڪول جو ماڌيم انگريزي آهي. هتي جي سوالنامي ۾ شاگردن جو سالوار تعداد ڪونہ ڏنو ويو آهي. رڳو اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ هن سڪول ۾ ٢٦.٥٩ سيڪڙو سنڌي شاگرد ۽ ٧٣.٤١ غير سنڌي شاگرد آهن. ڇوڪرين جي ساڌو واسواڻي انٽرنيشنل سڪول جو ماڌيم انگريزي آهي. سوالنامي ۾ فقط سنہ ١٩٩٦-٩٧ع جي شاگردن جو تعداد ڏنو ويو آهي. هن وقت هن سڪول ۾ ڪل ١٦٠٠ شاگرد آهن جن مان ٢١٢ سنڌي آهن. هن سڪول ۾ سنڌي وشيہ پاڙهڻ جو بندوبست آهي. سوالنامي ۾ سنہ ١٩٩٢-٩٣ع جا انگ اکر ڪونہ ڏنا ويا آهن. هتي سنہ ١٩٩٣-٩٤ع ۾ ٣٦ شاگرد وشيہ طور سنڌي پڙهندا هئا ۽ هن وقت (١٩٩٦-٩٧ع) سنڌي پڙهندڙ شاگردجو تعداد ٧٢ آهي.

دهليءَ ۾ هاير سيڪنڊريءَ ۽ ڪاليجي سطح تي سنڌي وشيہ کڻندڙ شاگردن جي تعداد جو جائزو وٺجي تہ خبر پوي ٿي تہ هتي سنہ ١٩٦٦ع ۾ هاير سيڪنڊري سطح تي سنڌي وشيہ کڻندڙ شاگردن جو انداز ٢٥٠ کن هو. جو سنہ ١٩٨٠ع تائين وڃي ٣٠ تي پهتو. ساڳئي نموني پهرين بي. اي. ۾ هر سال ١٥٠ کن شاگرد سنڌي وشيہ کڻندا هئا. سنہ ١٩٨٠ع ڌاري اهو تعداد گهٽجي وڃي ١٢-١٣ تي پهتو. هن وقت پڻ ڪاليجي سطح تي سنڌي کڻندڙ شاگردن جو تعداد تمام گهٽ آهي. ان جي واڌاري لاءِ ڪي عملي قدم کڻڻا پوندا.

دهليءَ ۾ سنڌي ماسترن جي ٽريننگ جي ڪابہ سهوليت موجود

سڪول پنهنجو ماڌيم مٽي چڪا آهن. ڪن سڪولن ۾ سنڌي وشيه پاڙهي ضرور وڃي ٿي پر درسي ڪتابن، امتحان جي پيپرن ۽ ماسترن جي ٽريننگ وغيره جهڙين اهم ڳالهين ڌانهن خاص ڌيان ڪونه ڏنو ويو آهي. هتي هاير سيڪنڊري ۽ ڪاليجي سطح تي سنڌي وشيه کڻندڙ شاگردن جو تعداد وڃي نه جي برابر رهيو آهي. اُتر پرديش ۾ ته شروع کان ئي سنڌي ماڌيم جو هڪ به سڪول ڪونهي. آگري وغيره جي ڪن سڪولن ۾ سنڌي وشيه طور پاڙهي ته وڃي ٿي پر قابل آزموديگار ماسترن ۽ تعليمي مواد جي ڪميءَ جو اثر ٻولي سيکارڻ جي معيار تي پوي ٿو. هتي ڪنهن به ڪاليج ۾ گريجئيٽ سطح تي سنڌي نٿي پاڙهي وڃي.

مڌيه پرديش ۾ درسي ڪتاب تيار ڪرايا ويا، ماسترن کي ٽريننگ به ڏني ويئي پر سڪولن ۾ سنڌي ماڌيم يا وشيه طور پاڙهڻ جي اهم ڪم کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ نه ڪو سرڪار ئي قدم کڻي ٿي ۽ نه ئي وري هتي جي سنڌين کي ئي ڪو خاص اونو آهي.

راجستان ۾ رڳو اجمير ۾ ئي سنڌيءَ جي حالت سٺي آهي. باقي ٻين شهرن ۾ سنڌي تعليم زور نه وٺي سگهي آهي. هتي سرڪاري سطح تي هن وقت تائين سنڌيءَ ۾ رڳو ڀاشا جا ڪتاب ڇاپارايا ويا آهن. ٻين وشين جا ڪتاب ڇاپائڻ جو ڪم سرڪار هٿ ئي کنيو آهي. اڃا تائين اهي ڪتاب سڪولن ۾ پهتا ڪونهن. سنڌي ماسترن جي ٽريننگ لاءِ هڪ سرڪاري مرڪز آهي پر سرڪار جي غلط نيتين سبب ان جو فائدو غير سنڌي پيا وٺن.

هندي صوبن ۾ سنڌي تعليم جي واڌاري لاءِ گنڀيرتا سان نئين سر ويچار ڪرڻو پوندو.

## ٢ سرڪاري سڪولن ۽ ڪاليجن جي ڀيٽ ۾ خانگي سڪولن ۽ ڪاليجن جي حالت بهتر

ڀارت ۾ سنڌي تعليم بابت ٻي ڌيان ڇڪائيندڙ حقيقت اها آهي ته هتي سرڪاري سنستائن جي ڀيٽ ۾ سنڌي خانگي سنستائن

ٽي. الهاسنگر جي سيواسدن ڪاليج آف ايڊيوڪيشن ۾ سنڌيءَ ۾ ڊپلوما ڪرڻ جي سهوليت آهي پر هن وقت هڪ به شاگرد اِن جو فائدو نٿو وٺي. ٻئي پاسي ڪيترين سنڌي سنستائون پنهنجي سڪولن ۾ سنڌي قائم رکڻ چاهين ٿيون، خاص ڪري وشيہ طور سنڌيءَ کي لوڪپريہ بڻائڻ لاءِ چاهہ ڏيکارين ٿيون پر کين ٽريڊ سنڌي ماستر نٿا ملن. ان ڳالهہ ۾ کهڙيءَ ريت ڦيرو آڻي سگهجي ٿو؟ ان تي ويچار ڪرڻو پوندو.

## ٨. درسي ڪتابن ۽ ٻيءَ تعليمي سامگريءَ جي ڪمي

گجرات ۽ مهاراشٽر ۾ ٻين ٻولين سان گڏو گڏ سنڌيءَ ۾ پڻ سڪولي سطح تي سيني وشين جا درسي ڪتاب تيار ڪرايا وڃن ٿا. مڌيہ پرديس ۾ سنڌيءَ ۾ ٥ درجي تائين سيني وشين جا ۽ ٨ درجي تائين ماتر ڀاشا جا ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن. راجستان ۾ تمام وڏي تعداد ۾ سنڌي ماڌيم ۾ شاگرد تعليم حاصل ڪن ٿا پر درسي ڪتابن ڏانهن سرڪار خاص ڌيان ڪونہ ڏنو آهي. هاڻي فقط ڀاشا جا ڪتاب شايع ڪرايا ويا آهن ۽ وشين جا ڪتاب اڃا تيار ٿي رهيا آهن. ٻين صوبن ۾ هميشهہ درسي ڪتابن جي ڪمي رهي آهي ۽ حوالن جي ڪتابن ڏانهن پڻ خاص ڌيان ڪونہ ڏنو ويو آهي. ان جي علاوا سڪولي درسي ڪتابن کي ڇڏي شاگردن جي قوت ۽ ضرورت کي ڌيان ۾ رکي سنڌيءَ ۾ مددي تعليمي سامگري بلڪل تيار ڪانہ ڪرائي ويئي آهي.

اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ درسي ڪتابن جي ورهست ڏانهن خاص ڌيان نٿو ڏنو وڃي. ٻن ٽن شهرن کي ڇڏي ڀارت ۾ سنڌي ڪتابن جا دڪان ڪونهن. اهي پڻ مختلف ڪارڻن سبب سنڌي درسي ڪتاب رکڻ ۾ ڪيٻائين ٿا. نتيجن شاگردن کي وقت تي ڪتاب نٿا ملي سگهن جنهن جو اثر پڙهڻ/ پاڙهڻ تي پوي ٿو.

## ٩. ماڌيم مٽيندڙ شاگردن جي آئيندي جو اونو ڳهت

ڀارت ۾ سنڌي ٿورائيءَ واري ٻولي هئڻ سبب دستوري تعليم جي ڪنهن نہ ڪنهن ڏاڪي تي ماڌم مٽڻو ئي ٿو پوي. پر هن وقت

هتي اسان کي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي تہ ڀارت ۾ سنڌي ماڌيم سکولي سطح تي ئي آهي. اوچ تعليم لاءِ انگريزي يا ٻي مکيہ مکاني ٻوليءَ جو استعمال ڪيو وڃي ٿو. اها هڪ سچائي آهي تہ سنڌي ننڍين نوڪرين ۾ نٿا وڃن. گهڻي ڀاڱي هو اوچ تعليم حاصل ڪري وڏين نوڪرين ۾ وڃڻ چاهين ٿا يا وري پنهنجو ننڍو وڏو ڪاروبار هلائڻ پسند ڪن ٿا.

ڀوڳياشي هئڻ سبب جتي هو رهن ٿا اتي جي مکاني ٻولين تي سندن چڱو ضابطو رهي ٿو ۽ انهن ٻولين جي ماڌيم سان اوچ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ ڪين خاص ڏکيائي نٿي ٿئي. باقي جيتري قدر انگريزيءَ جو سوال آهي. ان جو واهپو ڪن وڏن شهرن تائين ئي محدود آهي. جي سڪولن ۾ انگريزي وشيہ پاڙهڻ تي خاص ڌيان ڏنو وڃي ۽ / يا سنڌي سنستائن پاران گهرجائو شاگردن لاءِ انگريزيءَ جا خاص ويڪيشن ڪلاس لڳايا وڃن تہ انگريزي ماڌيم ۾ اوچ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ ڪين وڌيڪ ڏکيائي ڪانہ ٿيندي.

### ۳. ماڌيم مٽڻ جو مونجهارو

ڀارت ۾ سنڌي ٿورائيءَ واري ٻولي هئڻ سبب شاگردن کي لازمي طور تعليم جي ڪنهن نہ ڪنهن سطح تي ان کيتر جي مکيہ ٻوليءَ جي ڌارا ۾ جڙڻو ئي ٿو پوي. ٻين لفظن ۾ چئجي تہ ڪين ماڌيم مٽڻو ئي ٿو پوي. جن هنڌ رڳو سنڌي پرائمري سڪول آهن اتي هاءِ سڪولن ۾ داخلا وٺڻ وقت ڪين ماڌيم مٽڻو ٿو پوي جتي وري سنڌي ماڌيم جا سيڪنڊري سڪول آهن اتي هائير سيڪنڊري ۽ ڪاليجي سطح تي شاگردن کي ماڌيم مٽڻو ٿو پوي. ان مسئلي تي گنڀيرتا سان ويچار نہ ڪيو ويو آهي ان ڪري هڪدم ماڌيم مٽڻ سبب شاگردن جي تعليم تي اثر پوي ٿو ۽ ڪن حالتن ۾ تہ هو اڌ ۾ ئي پڙهائي ڇڏي ٿا ڏين. ان سبب ڪيترا مائٽ پنهنجي ٻارن کي سنڌي ماڌيم ۾ موڪلڻ ۾ هٻڪن ٿا. هو سوچين ٿا تہ اڳتي هلي تہ سندن ٻارن کي ماڌيم مٽڻو ئي آهي ان ڪري ڇو نہ شروع کان ئي ان ماڌيم جي سڪول ۾ تعليم وٺن جنهن ۾ ڪين اوچ تعليم حاصل ڪرڻي

سگهيا. جتي صحيح رهنمائي نہ ملي، اتي بيون سهوليتون هونديون بہ سنڌي تعليم لوڪپريہ نہ ٿي سگهي. مثال اجمير ۾ پهرين سنڌي تعليم پوري زور تي هئي پر اجمير جي راجستان ۾ شامل ٿيڻ بعد سرڪاري سڪولن ۾ سنڌي ماڌيم بند ٿيڻ لڳو. ان اوکيءَ گهڙيءَ ۾ اتي جي سنڌي تعليمدانن پنهنجو رت ست ڏيئي خانگي سنڌي سڪول کولائي سنڌي تعليم کي وري اوج تي رسايو. ڀئي پاسي مڌيہ پرديش ۾ ٿورائيءَ وارين ٻولين ۾ پرائمري ماڌيم ۾ تعليم کي همٿائڻ لاءِ سرڪار درسي ڪتاب تيار ڪرايا ۽ وڏي انداز ۾ سنڌي ماسترن لاءِ اورنٽيشن پروگرام لڳايا پر صحيح رهنمائيءَ جي ڪميءَ سبب هتي سنڌي تعليم جي اڄ بہ قياس جوڳي حالت آهي. ساڳي نموني دهليءَ ممبئيءَ ۽ پوني وغيره وڏن شهرن جي سڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌي وشيہ سولائيءَ سان هلائي سگهجي ها. پر ان اهم ڳالهہ ڏانهن اتان جي تعليمدانن ڪو خاص ڌيان ڪونہ ڏنو. هاڻي جڏهن هنن وڏن شهرن ۾ سنڌي ماڌيم جو زور بلڪل گهٽجي ويو آهي اتي جي سنستائن ۾ وشيہ طور سنڌي پاڙهڻ لوڪپريہ بڻائڻ جي هلچل شروع ٿي ويئي آهي. پر ان لاءِ ڪين ٽرينڊ سنڌي ماستر نٿا ملن. اها مشڪلات دور ڪرڻ لاءِ ڪي عملي قدم کڻڻ گهرجن.

## ٦. سنڌي تعليم جو گهٽجندڙ معيار

جئن اسان ڏٺو تہ ڀارت ۾ ڪٿي بہ ڪاليجي سطح تي سنڌي ماڌيم جي سهوليت ڪانهي. ان ڪري سنڌي ماستر سنڌيءَ ۾ ڪنهن بہ وشيہ جي پڙهائي رڳو سيڪنڊري يا وڌ ۾ وڌ هاير سيڪنڊري سطح تائين ڪري سگهن ٿا. ٻي ڳالهہ تہ مقرر درسي ڪتابن جي علاوا سنڌيءَ ۾ جدا جدا وشين جي حوالن جا ڪتاب بلڪل ڪونهن. ان جو اثر سنڌي تعليم جي معيار تي پوي ٿو. شروع ۾ سنڌي ٻوليءَ جا چاڙهو هئا. اڄ تہ ڪيترين حالتن ۾ ائين بہ ڏٺو ويو آهي تہ ماستر ڪنهن بہ سطح تي سنڌي پڙهيا ئي ڪونهن يا وري هڪ وشيہ طور ئي پڙهيا آهن؛ هنن باقي سموري تعليم ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ جي ماڌيم سان ئي پوري ڪئي آهي تنهن هوندي بہ هو سنڌيءَ ان ڪر ٿا پاڙهين

ماستر مقرر ڪري سگهجن ٿا جن گريجوئيٽ يا پوسٽ گريجوئيٽ سطح تي سنڌي پڙهي هجي. عجب جي ڳالهه اها آهي ته هتي ڪنهن به يونيورسٽيءَ يا ڪاليج ۾ سنڌي تعليم جو بندوبست آهي ئي ڪونه ته سنڌي ماستر ڪٿان ايندا؟

اتر پرديش ۾ سرڪار پاران سنڌي ساهت اڪادمي کولڻ جي تياري هلي رهي آهي پر هن صوبي ۾ سنڌي تعليم ڏانهن بلڪل ڌيان نه ڏنو ويو آهي. ڪن ٿورن خانگي سڪولن ۾ وشيه طور سنڌي پاڙهي پيئي وڃي پر ان لاءِ نڪو ٽرينڊ ماستر آهن نه ئي وري معياري تعليمي سامگري آهي. اگر اتي جي سنڌين کي سنڌي لکڻ پڙهڻ ئي نه ايندو، ڪين سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي ڄاڻ ئي نه هوندي ته ليکڪ ۽ پاٺڪ ڪٿان ايندا؟

ان جو اهو مطلب ناهي ته گجرات ۽ مهاراشٽر ۾ سنڌي تعليم بابت مشڪلاتون آهن ئي ڪانه. گجرات ۾ هاير سيڪنڊريءَ تائين سنڌي ماڌيم آهي پر هاير سيڪنڊري امتحانن لاءِ بورڊ جا پيپر سنڌيءَ ۾ نه ٿا ڇپجن. رڳو شاگردن کي جواب سنڌيءَ ۾ لکڻ جي ڇوٽ آهي. ٻي ڳالهه ته سڪولي تعليم جي پيٽ ۾ هتي ڪاليجي سطح تي سنڌي تعليم ڏانهن پورو ڌيان ڪونه ڏنو ويو آهي.

مهاراشٽر ۾ سرڪاري سنڌي پرائمري سڪولن ۾ شاگردن جو تعداد ڪافي گهٽجي ويو آهي. اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته اهي سڪول ئي سنڌي هاءِ سڪولن لاءِ فيڊنگ سينٽرن جو ڪم ڪندا هئا. ٻي ڳالهه ته هاڻي نئين تعليمي نيتيءَ موجب سيڪنڊري سطح تي هتي جي سيني شاگردن کي لازمي طور مرهٽي وشيه پڙهڻي پوندي. اها ڳالهه ته نيڪ آهي پر ان سبب هتي جي هندي ماڌيم جي سڪولن ۾ شاگردن کي سچي پيپر يا ڪمپوزٽ ڪورس ۾ سنڌي وشيه کڻڻ جي سهوليت نٿي ملي سگهي. ان جو اثر ودرڀ جي هندي ماڌيم هلائيندڙ سنڌي سنسٿائن تي پيو آهي. ان بابت هنن مهاراشٽر سرڪار جي تعليم کاتي سان ڪافي لک پڙهه ڪئي پر وريو ڪجهه به ڪين. هاڻي مجبورن کين پنهنجو حق حاصل ڪرڻ لاءِ هاءِ ڪورٽ

نئران عمارتن ۾ هيٺ ء مٿي وارا ماڙا
ڪونهن.
ساڳئي ماڙي تي ٻيا فليٽ به عدم موجود
آهن
۽ زمين آسمان جي وچ ۾
صرف سندس فليٽ جو فانوس ٽنگيو پيو
آهي،
۽ ڪاري ڪاري سمنڊ جون ڇوليون
باقي اُن فانوس جي روشني پڻ ڳرڪائڻ
لاءِ
سرگردان آهن....

هو مندر ۾ گايتريءَ جو منتر
ٻين جا منهن تڪي پڻ پڻ ۾ پڙهي ٿو،
ڇاڪاڻ ته ڪيس اِهو منتر ڪڏهن به ياد
نه رهيو آهي،
لڪائي ۾ پوڙيءَ مٿان پوڙي ائين اُچاري
ٿو،
جيئن ٻين سان گڏ چپ هلائي
سندس ڪم هلي وڃي،
جو سندس سمرڻ ۾ ڪا به پوري پوڙي
ڪڏهن نه رهي آهي؛
مسيت ۾ ٻين کي ڏسي گوڏا کوڙي ٿو
پر آيتون ڪون ٿو پڙهي
سبب، سندس تلفظ ڪڏهن به تسليم نه
ڪيو ويو آهي..
پرسان واري ڪمري ۾
سندس نندڙ پٽ وڪرم عرف وڪي
پنهنجن يارن جي وچ ۾ نچي نچي

جو در کڙڪائڻو پيو آهي.

سنڌي تعليم جي موجوده حالت لاءِ سرڪاري بي رخيءَ سان گڏو گڏ سنڌي تعليمي سنستائون پڻ جوابدار آهن. هو چاهين ته حقيقت شناس بڻجي ان ڏس ۾ گهڻو ڪجهه ڪري سگهن ٿيون.

جي پارت ۾ سنڌي تعليم قائم رکڻي آهي؛ ان کي وڌائڻو ويجهائڻو آهي ته سرڪار کي ڪي عملي قدم کڻڻا پوندا ۽ ان لاءِ سنڌي سنستائن کي پڻ سجاڳ رهي پنهنجي ذميواري نباهڻي پوندي.

## ٨. قوم جو پنهنجي ٻوليءَ ڏانهن لاپرواهيءَ نا اُميديءَ ڀريو نظريو

اڄ جي حالت جي اها هڪ حقيقت آهي ته سنڌين هنني پاڻ کي ٽانئڪو ڪرڻ جي ڪشمڪش ۾ پنهنجي ٻوليءَ جي اهميت ڏانهن لاپرواهيءَ وارو رخ اپنايو. مها نگرن ۾ ته ڪين نه پنهنجو ماضي ياد رهيو آهي نه وري مستقبل جو ڪو اونو اٿن. ان جو بيان ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻيءَ سنڌي پرنسيپالن جي ڪانفرنس جي مرڪزي تقرير ۾ پنهنجي ڪوتا ذريع هن ريت ڪيو آهي.

### ڊي. داس سپيءَ جي شام

مرين ڊرائيو جي هڪ فلڪ بوس عمارت جي
الائجي ڪائين؟
شايد نائين ماڙي تي
هائي، اِجهو هائي ڪان ٿي
ڍولڻ داس سيرومل سپاهيمالاڻيءَ جي پيديءَ جي پائيوار
ڊي. داس سپيءَ جي اکين ۾
سامهون دور درو ناڻين ڦهليل سمنڊ ترڻ
لڳو آهي؛
ڪيس محسوس ٿئي ٿو

۽ جاتيءَ جي مهان نيتا سان گڏ بيٺو آهي.
هاڻو، اِن ڳالهہ کي گهڻو وقت ڪين ٿيو جڏهن
هتي هڪ شاهي سنڌي مجموعو لڳو هو
۽ مجموعي باز
پرانت جي اڳواڻ/ مکيہ مهمان سان
سندس واقفيت ڪرائيندي چيو هو:
هن سان ملو، هيءُ سنڌي آهي،
ڪافي پيسي وارو آهي،
پر تازو هڪ وڏي حادثي ۾
سندس يادداشت کوهجي ويئي،
هاڻي کيس ڪجهہ بہ ياد نہ اهي
نہ اتهاس، نہ پرمپرا
نہ ساهتيہ، ۽ نہ وري سنسڪرتي،
کيس ڪجهہ ڪين کپي
نہ ماضي نہ آئيندهہ
نہ آسمان، ۽ نہ وري ڌرتي....
هو هن پيڙ ۾ بس هن پل جيئي ٿو....
هيڏانهن هو پنهنجي ’موئن جو دڙو‘ چهري تي
هڪ خوشگوار مشڪ جو لاش کنيو بيٺو رهيو هو
۽ هوڏانهن مکيہ مهمان ۽ مجموعي باز
پڻ
پنهنجن چهرن تي هڪ شرير مشڪ ٽڱي ڇڏي هئي
۽ ’ڪلڪ‘ آواز ڪري هڪ فوٽو نڪتو هو.
هن اِهو فوٽو
پيسا ڏيئي
اخبارن ۾ ڇپايو هو
(هو ڪافي پيسي وارو آهي.)
۽ پنهنجي ڊرائنگ روم ۽ بيڊ روم ۾
بہ سجايو هو....

ڪو تيز ڏن تي انگريزي گانو ڳائي رهيو
آهي.
(اِهو يار لفظ ان ننڍي ٿهيءَ ۾ ڪيترو نہ
عام ٿي ويو آهي؟
سندس پنهنجي زماني ۾ يار ۽
ياري جون معنائون ئي ڪي ٻيون هيون!)
پلا اِنهن وٽ وڪيءَ جي ادا ڪيل گانو
قبول پوي ٿو؟
اِهي ڇيڳڙيون ڇوريون ۽ ڇنا ڇورا
چرس ۽ گانجي جي نشي ۾
هڪ ٻئي مٿان
جهڪندا وڃن ٿا
۽ فانوس کي هيٺ جهڪائيندا وڃن ٿا.

هو هڪ سرد نظر
پرسان ئي بيٺ تي سمهيل پنهنجيءَ گهر واريءَ تي اڇلائي ٿو.
کيس ڏونڌاڙي اُٿاري ٿو
۽ چوي ٿو،
ڏس ڇئني پاسي اونداهيءَ ۾
هيءُ ڇا جو گوڙ گنبوڙ آهي؟
ڇا تون بہ ڪجهہ نہ ٿي ڪري سگهين؟
هوءَ اٿي ٿي،
ڇئني پاسي وائڙن جيان نهاري ٿي
۽ پوءِ ميز تي رکيل، فريم ۾
جڙيل سندس فوٽن ڏانهن يڪ ٽڪ ڏسي ٿي
۽
ڇا اِهو فوٽو گراف بہ ڪا مدد نہ ٿو ڪري سگهي؟....
فوٽو گراف،
جنهن ۾ هو پنهنجي (؟) پرانت جي اڳواڻ

تهذيبي ۽ ادبي ورثي جي ڄاڻ ڪانهي. هاڻ ته ڪيترا اهڙا قتوا ٿا ڏين ته جلد ئي اها ٻولي سنڌي گهرن مان به نڪري ويندي؛ هتي جا سنڌي ٻوليائي سڃاڻپ وساري وهندا. ان کان وڏي بد قسمتي ڪهڙي هوندو جو وار وار چوڻو ٿو پوي پنهنجي ٻوليءَ سان پريم رکو، اها اسان جي هتن مان نڪري رهي آهي، ان کي بچايو! اسان کي قوم جو اهو نراشاوادي ناڪاري نظريو بدلائڻو پوندو. ان ڏس ۾ رڳو جذباتي بڻجڻ سان ڪم نه هلندو. ان لاءِ حقيقت شناس بڻجي ضرورت موجب پنهنجي سوچ ۽ نيتين ۾ ڦيرو آڻي ڪي عملي قدم کڻڻا پوندا.

اهو ڪم مشڪل ضرور آهي پر ناممڪن ڪونهي.

❁ ❁ ❁

ڇا اِهو فوٽو بہ ڪا مدد نہ ٿو ڪري سگهي؟

جلد ئي، الائجي ڇا سوچي هو اٿيو
لڙ ڪڙائيندڙ قدمن سان هو اڳتي وڌيو
۽ بڪ شيلف تان
’ريپيڊيڪس‘ لاٿائين
صفحو کولهيائين ۽ الفاظ ياد ڪيائين
پرسان واري اِن ڪمري جو دروازو
کٽاڪ سان کولي رڙ ڪيائين،
ڊونٽ يو هيئر مي؟ آءِ سي، اِسٽاپ اِٽ.
پوءِ تہ
ٻنهي ڪمرن ۾ سناٽو ائين ٽنگجي ويو
جيئن فلئٽ جا ٻئي ڪمرا
زمين ۽ آسمان جي وچ ۾
ٽنگيا پيا هئا
۽ وچ واري دروازي جي چائنٽ تي
بوتل جي نشي ۾ ڏٽ
هو ٺاٺ تي ڪري پيو.
ڪاري ڪاري سمنڊ جي هڪ ڇولي
مٿي چڙهي آئي هئي
۽ فانوس جي روشني ٻرڪائي ويئي....
۽ ننڍي وڪيءَ جي ڪمري ۾
(رُڪاوٽ لاءِ اسان کي افسوس آهي!)
گانا بجانا بدستور جاري رهيا.
گويا ٻاٽ اوندهہ تي وڃڻ کان سواءِ
اتي ٻيو ڪجهہ ڪين ٿيو هو.

اها قياس جوڳي حالت آهي اڄ جي ’خوشحال‘ مهانگرن جي سنڌين جي!

اڄ سنڌي ٻار ۾ پنهنجي ٻوليءَ ۾ نہ ڳالهائين؛ ڪين پنهنجي

هڪ اهم سبب اهو بہ آهي تہ سنڌي پرائمري سڪولن ۾ شاگردن جو تعداد تمام تيزيءَ سان گهٽجي ويو ۽ ڪيترا سڪول ئي بند ٿي ويا. اهي فيڊنگ سينٽر بند ٿي وڃڻ جو اثر سيڪنڊري سڪولن تي پيو ۽ انهن ۾ پڻ سنڌي ماڌيم جي شاگردن جو تعداد گهٽجي ويو. ان حقيقت کي ڌيان ۾ رکي اسان کي وري اوائلي سنڌي تعليم کي لوڪپريہ بڻائڻ لاءِ ڪي عملي قدم کڻڻا پوندا.

ان ڏس ۾ ڪن تعليمدانن جو رايو آهي تہ ڀارت ۾ سنڌي ڪنهن هڪ خاص صوبي جي ٻولي ڪانهي ۽ ٻوليءَ جي واڌاري جي ذميداري مرڪزي سرڪار پاڻ کنئي آهي ان ڪري سنڌي تعليم جو بندوبست مرڪزي سرڪار ئي سنڀالي. جتي وڏي تعداد ۾ سنڌي رهن ٿا اتي سرڪار پاران سنڌي ماڌيم جا سينٽرل سڪول کولايا وڃن يا وري انهن آسٿانن مان جتي سينٽرل سڪول آهن اتي سنڌي ماڌيم جون خاص شاخون کولايون وڃن. جتي ماڌيم ممڪن نہ هجي اتي سنڌي شاگردن لاءِ لازمي طور سنڌي وشيہ جو بندوبست ڪيو وڃي. ائين ڪرڻ سان سنڌي تعليم جي معيار ۽ بندوبست ۾ سڌارو ايندو ۽ سڄي ملڪ ۾ سنڌيءَ جو هڪڙو ئي سليبس لاڳو ٿي سگهندو. ڪيترن تعليمدانن جو اهو بہ رايو آهي تہ سرڪار پاران سنڌيءَ لاءِ هڪ جدا تعليمي بورڊ برپا ڪيو وڃي.

ان بابت اسان کي رڳو سرڪار جي آسري تي نہ ويهي پنهنجو ٻوٿو پاڻ ٻارڻ گهرجي.

